# ٻارن لاءِ بائبل
## تحفو



# روٿ: هڪ محبت جي ڪهاڻي

لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Lyn Doerksen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توں ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



جيڪڏهن توهان پنهنجي ڏاڏن پڙ ڏاڏن، انهن جي والدين ۽ انهن سيني سان ملي سگهو جيڪي توهان کان اڳ خاندان ۾ ٿي چڪا آهن، توهان حيران ٿي ويندا ته اهي ڪهڙي قسم جا ماڻهو هئا. روٿ بائبل ۾ يسوع جي انساني ابن ڏاڏن مان هُئي. هڪ موآبي عورت جيڪا بتن جي پوڄا ڪندي هئي.



روٿ جي ڪهاڻي بني اسرائيل ۾ سمسون کان پوءِ شروع ٿئي ٿي جڏهن خُدا جي ماڻهن خُدا تي ڀروسو ۽ فرمانبرداري ڪرڻ بند ڪيو. ان زمين تي هڪ خوفناڪ ڏُڪار اچي ويو.

چا توهان کي خبر آهي ته ڏُڪار چا آهي؟ هي صحيح آهي! ڏُڪار اُهو آهي جڏهن ڪو ميوو يا فصل پيدا نه ٿئي، جانور ۽ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو به بک کان مرندا آهين.





3

هڪڙو ماڻهو، اليملڪ، پنهنجي زال ۽ ٻن پٽن سان گڏ ڪاڏي جي ڳولا ۾ بيت لحم ڇڏي ٿو. هو موآب ڏانهن ويندو آهي، هڪڙو مُلڪ جتي ماڻهو بتن جي پوڄا ڪندا هئا.



4

اليملڪ ۽ سندس ڪٽنب جو موآب ۾ ڪُجھ سٺو نه ٿندو آهي. هو مري ويو ۽ ان سان گڏ سندس پٽ به.




هن جي زال، نومي، پنهنجي ٻن پٽن جي زالن، روٿ ۽ عرفه سان گڏ بچي وئي. ٻئي ڇوڪريون موآب جون هيون.

5

نومي، جيڪو هاڻي هڪ بيوه آهي، اُهو ٻڌي ٿي ته خُداوند پنهنجي ماڻهن جي باري ۾ ٻڌو آهي ۽ انهن کي ماني ڏني آهي. هوءَ پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس وڃڻ جو فيصلو ڪري ٿي. پر هوءَ ٻن ڇوڪرين سان ڇا ڪندي؟ نومي کين موآب ۾ رهڻ ۽ ٻيهر شادي ڪرڻ لاءِ چيو.



6

عرفه واپس پنهنجي خاندان ڏانهن هلي وئي. پر روٿ انڪار ڪري ٿي. ان جي بدران، روٿ هڪ تمام مٺو نظم ڳائي ٿي جيڪو واعدو ڪري ٿو ته ڪڏهن به پنهنجي سسُءِ کي نه ڇڏيندس.



7

نومي جي ساهڙيون خوش آهن ته هوءَ بيت لحم ۾ پنهنجي گهر موٽي آئي آهي. پر هوءَ انهن کي چوي ٿي ته هن کي نومي (دلگير) جي بدران "مارا" (تلخ) سڏين "ڇاڪاڻ ته قادرِ مطلق مون سان ڏاڍي تلخي ڪئي آهي". نومي روٿ کان سواءِ خالي هٿ موٽي آئي.



8



جيتوڻيڪ روٿ موآب ۾ اڪثر ماڻهن
وانگر بتن جي پوڄا ڪئي هئي، هوءِ
اسرائيل جي زنده خُدا جي عبادت ڪرڻ
لاءِ ان کان ڦري وئي هئي. روٿ سخت
محنت ڪئي ان کي يقيني بڻائڻ لاءِ ته
نومي کي کائڻ لاءِ ڪافي آهي. هوءَ هر
روز پوک ۾ لڻندڙن جي پٺيان ايندي
هئي ۽ بچيل اناج ڪٺندي هئي.



9



بوعز، زمين جي مالڪ، ٻڌو ته
روٿ پنهنجي سسءِ سان ڪيتري
سٺي هئي. جڏهن هو هن سان
مليو، بوعز هن جي مدد ڪئي ته
هن پنهنجي فصلن کي لڻندڙن کي
حڪم ڏنو ويو ته هو چاڙي وٺي
ڪُجه اناج پويان هن جي لاءِ
ڇڏيندا ونڃڻ. بوعز روٿ کي
پسند ڪرڻ لڳو هو.

10



جڏهن روٿ نعومي کي
بوعز ۽ سندس رحم جي
باري ۾ ٻڌايو، ته پوڙهي
عورت خُدا جي واکاڻ
ڪئي. "اهو ماڻهو اسان
جو مائٽ آهي، اسان
جي ويجهن مائٽن
مان آهي."

11





جيئن وقت گذري
ويو، بوعز روٿ
سان شادي ڪرڻ
چاهيندو هو ۽ نومي ۽ هن جي خاندان جي
زمين جي سنڀال ڪرڻ چاهيندو هو. پر هڪ
ٻئي ويجهي مائٽ جو پهريون حق هو. هن
ماڻهوءَ زمين گهري هئي - پر هن پنهنجي زال
لاءِ روٿ نه گهري هئي. شريعت موجب هو
شادي کان سواءِ زمين نٿو وٺي سگهي.

12

انهن ڏينهن ۾، ماڻهو ڪنهن معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ
هٿ نه ملائيندا هئا. بوعز هڪ جُتو لاٿو ۽ عام طور تي
ٻئي شخص کي ڏنو. معاملو ٺهي ويو. روٿ سندس زال
بڻجي ويندي آهي. هاڻي هوءِ ۽ نومي بوعز
جي خاندان جو حصو هئا.



13

بوعز ۽ روٿ پنهنجي
پهرين پٽ کي عوبيد
سڏيو. هو اسرائيل جو
عظيم بادشاهه. دائود
جو ڏاڏو ٿيو.



14

پر اجا به وڌيڪ حيرت انگيز طور تي، پار عوبيد خُداوند يسوع مسيح جو ابا ڏاڏا هو. يسوع دائود جي خانداني قطار ذريعي بادشاهن جو بادشاهه ۽ دنيا جو ڇوٽڪارو ڏيندڙ ٿيو.






روٿ: هڪ محبت جي ڪهاڻي

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

روٿ

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130






16

60



هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۂ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاء مري ويوۂ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ذيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.